الجزء ٦

لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ اِلَّا مَنْ ظُلِمَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ
سَمِيْعًا عَلِيْمًا ﴿۱۴۸﴾ اِنْ تُبْدُوْا خَيْرًا اَوْ تُخْفُوْهُ اَوْ تَعْفُوْا عَنْ سُوْٓءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ
عَفُوًّا قَدِيْرًا ﴿۱۴۹﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ وَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ
يُّفَرِّقُوْا بَيْنَ اللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ وَ يَقُوْلُوْنَ نُؤْمِنُ بِبَعْضٍ وَّ نَكْفُرُ بِبَعْضٍ ۙ وَّ يُرِيْدُوْنَ
اَنْ يَّتَّخِذُوْا بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ۙ﴿۱۵۰﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ حَقًّا ۚ وَ اَعْتَدْنَا
لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۱۵۱﴾ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ وَ لَمْ يُفَرِّقُوْا بَيْنَ
اَحَدٍ مِّنْهُمْ اُولٰٓئِكَ سَوْفَ يُؤْتِيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۵۲﴾ ع ۲۱/۱۱

خواهه مخواهه زور سان خراب ڳالهه ڪرڻ کي الله پسند نٿو ڪري سواءِ ان جي جنهن تي ظلم ٿي رهيو هجي. ان کي ظالم جي ظلم و زيادتي خلاف واويلا ڪرڻ جي اجازت آهي. الله (اصل حقيقتن کي ) چڱي طرح ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. (148) باقي ڀلائيءَ جون ڳالهيون ظاهر ڪيو يا مخفي رکو يا ڪنهن جي برائي کي درگذر ڪريو ته بيشڪ الله ڪان لکل نه آهي، هو معاف ڪرڻ وارو ۽ هر ڳالهه جي قدرت رکڻ وارو آهي. (149) جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسولن جو انڪار ڪن ٿا ۽ ڪجهه رسولن جي پيغام کي الله طرفان ۽ ڪن پيغمبرن جو پيغام الله طرفان نه هجڻ جو چئي رسولن درميان ۽ خدا ۽ رسولن درميان تفريق پيدا ڪن ٿا ۽ بعض کي تسليم ڪن ٿا ۽ بعض کي نٿا مڃين ۽ گهرن ٿا ته هو (پنهنجي پسند جي) درمياني راهه ڳولي ڪڍن. (150) اهي ماڻهو ئي حقيقت ۾ پڪا ڪافر آهن ۽ اسان ڪافرن لاءِ رسوا ڪن عذاب تيار ڪيو آهي. (151) پر جن ماڻهن الله ۽ ان جي (سمورن) رسولن تي ايمان آندو ۽ انهن پيغمبرن درميان (ايمان آڻڻ ۾) ڪو به فرق پيدا نه ڪيو ته عنقريب (الله) انهن

**ڪي هن جو اجر عطا ڪرڻ فرمائيندو، پر جيڪڏهن ڪا ڪمي پيشي يا ڪوتاهي سرزد ٿي وئي تہ بہ الله بخشڻهار آهي ۽ دائمي رحمت جو مالڪ آهي. (152)**

الله کي پسند ناهي تہ اوهان وڏي واڪي بري ڳالهہ چوندا رهو يا ڪنهن جي ڪا برائي ڏسو تہ اها برائي ماڻهن ۾ مشهور ڪندا وتو (ابراهيم: 14/ 27-24، بني اسرائيل: 53/17، النحل: 125/16، الحج: 60/22، لقمان: 31/ 19، حٰم السجده: 34/41) ابتداءِ اسلام ۾ ڪافر ۽ منافق مسلمانن تي چٿرون ڪندا هيا. ناشائسته جملا چوندا هيا. الله مسلمانن کي هدايت ڪري ٿو تہ اوهان خوش اخلاقي ۽ خنده پيشانيءَ سان پيش اچو. نرم لهجي ۾ گفتگو ڪريو. (طٰهٰ: 44/20) اهل ڪتاب سان بحث مباحثو بہ سهڻي نموني ڪريو. (العنڪبوت: 29/ 46) هن ڪان اڳ منافقن ۽ ڪافرن جي زيادتين جو ذڪر هيو، ان دوران مخاصمت ۾ زيادتيءَ جو قوي امڪان آهي، ان لاءِ مؤمنن کي خطاب آهي تہ اوهان زيادتيءَ جي حالت ۾ اسلام جي اعلىٰ ڪردار جو مظاهرو ڪندا رهو. زور زور سان بد شد ڳالهائڻ، گار گند ڪرڻ ڪان پاڻ کي بچائي رکو. ها، پر جڏهن مظلوم پنهنجو حق ونڻ چاهي يا مٿس ظلم ٿيندو هجي، پوءِ واويلا ڪري تہ اجازت آهي، پر ان ۾ زبان جو صحيح استعمال هجي، پر جيڪڏهن صبر ۽ استقامت ڪان ڪم وٺي تہ اهو وڌيڪ سٺو آهي.

چڱا ڪن چڱائيون، مٺايون مٺن
جو وڙ جُڙي جن سين، سو وڙ سي ئي ڪن.

***

صحبت صالح ترا صالح ڪند
صحبت طالع ترا طالح ڪند.

پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ سان ظلم ٿيو آهي ۽ اهو ان ظالم خلاف سندس ظلم ۽ زيادتيون ٻڌائي ٿو تہ ان ۾ ڪو ڏوهہ ناهي، مظلوم جي دانهن تہ عرش تي بہ ٻڌي ويندي آهي. ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي، جڏهن پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم حضرت معاذ رضي الله عنه کي يمن موڪليو تہ کيس چيو اٿس: اِتَّقِ دَعْوَةَ الْمَظْلُوْمِ فَاِنَّهَا لَيْسَ بَيْنَهَا وَبَيْنَ اللهِ حِجَابٌ مظلومن جي دانهن ڪان بچندو رهجانءِ ڇو تہ مظلومن جي دانهن ۽ الله جي درميان ڪو

پردو حائل نہ آهي. اِنَّ اللهَ لَيُمْلِيْ لِلظَّالِمِ حَتّٰى اِذَآ اَخَذَهٗ لَمْ يُفْلِتْهُ (صحيح بخاري، صحيح مسلم) الله تعالىٰ ڪجهہ وقت ظالم کي مهلت ڏئي ٿو پر جڏهن پڪڙ ڪري ٿو تہ پوءِ ڪو ڇوٽڪارو نہ آهي. اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ (البروج: 12/85) الله جي پڪڙ شديد آهي. حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ اَخَذَ شِبْرًا مِّنَ الْاَرْضِ ظُلْمًا فَاِنَّهٗ يُطَوِّقُهٗ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مِنْ سَبْعِ اَرْضِيْنَ" (صحيح بخاري) جنهن ماڻهوءَ ظلم سان ڪنهن جي زمين (ملڪيت) مان رڳو هڪ گراٺ (ٿورو حصو) بہ قبضي ۾ ورتو تہ قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ هن کي ستن زمينن جو ڳٽ (طوق) پارائيندو. الله چڱي ۽ بري هر ڳالهہ ٻڌڻ وارو آهي ۽ هر شيءِ جي ڄاڻ رکي ٿو. ڪا بہ شيءِ هن کان پوشيده نہ آهي. توهان چڱائي جو ذڪر ظاهري طور ڪريو يا ڳجهي نموني ڪريو، يا ڪنهن اوهان سان برائي ڪئي آهي ان کان درگذر ڪريو تہ ان ۾ اوهان کي نيڪي جو اجر ضرور ملندو. الله بہ پوري قدرت رکڻ جي باوجود ٻانهن کي معاف ڪندو آهي، جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول جو انڪار ڪن ٿا ۽ گهرن ٿا تہ الله ۽ ان جي رسولن ۾ تصديق ڪرڻ ۾ تفريق پيدا ڪن ۽ چون ٿا تہ اسان الله کي تہ مڃون ٿا، هو اسان جو رب آهي پر نبين ۽ رسولن ۾ اسان ڪجهہ کي مڃون ٿا، ڪجهہ کي تسليم نٿا ڪيون. حالانڪ تمام انبياء کي بنا تفريق خدا جو سچو رسول مڃڻ ايمان جي نشاني آهي. (البقره: 285/2، النساء: 4/13) پر هو پنهنجي خيال ۾ ايمان ۽ ڪفر جي وچ ۾ ڪا ٽين ڳالهہ ڪڍي ان کي مڃين ٿا. يقينًا اهي ڪافر آهن ڇو تہ ڪجهہ رسولن کي مڃڻ سان هو مسلمان نٿا ٿي سگهن. سيني رسولن کي بنا تفريق الله جو سچو پيغمبر سمجهڻ ضروري آهي. هڪ جو انڪار بہ ايمان کان دوري آهي. يقينًا انهيءَ عقيدي وارا ڪافر آهن ۽ ڪافرن جي لاءِ اسان ذلت وارو عذاب تيار ڪيو آهي. (البقره: 285/2، آل عمران: 84/3، النساء: 150/4-136-123، المائده: 275/5، الانفال: 74/8) پر جن ماڻهن الله ۽ ان جي سمورن رسولن اڪرام تي ايمان آندو ۽ ڪنهن هڪ کي بہ ٻين کان جدا نہ ڪيو يعني ڪنهن هڪ رسول جو انڪار نہ ڪيو تہ بلاشبه اهي مؤمن آهن ۽ الله انهن کي سندن ايمان جو اجر عطا ڪندو. الله پنهنجي ٻانهن جي ڪمزورين ڪوتاهين کي بخشڻ وارو آهي ۽ ان جي دائمي رحمت جي مٿن عنايت آهي.

يَسْـَٔلُكَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَنْ تُنَزِّلَ عَلَيْهِمْ كِتٰبًا مِّنَ السَّمَآءِ فَقَدْ سَاَلُوْا مُوْسٰٓى
اَكْبَرَ مِنْ ذٰلِكَ فَقَالُوْٓا اَرِنَا اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ بِظُلْمِهِمْ ۚ ثُمَّ
اتَّخَذُوا الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ فَعَفَوْنَا عَنْ ذٰلِكَ ۚ وَاٰتَيْنَا مُوْسٰى
سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿١٥٣﴾ وَرَفَعْنَا فَوْقَهُمُ الطُّوْرَ بِمِيْثَاقِهِمْ وَقُلْنَا لَهُمُ ادْخُلُوا الْبَابَ
سُجَّدًا وَّقُلْنَا لَهُمْ لَا تَعْدُوْا فِى السَّبْتِ وَاَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ﴿١٥٤﴾

(اي حبيب ﷺ !) هي اهل ڪتاب تو کان مطالبو ڪري رهيا آهن تہ (هن قرآن جي جاءِ تي) انهن تي براهہ راست آسمان کان هڪ (پورو لکيل) ڪتاب لاهي اچو. سو هن ۾ ڪا بہ تعجب جي ڳالهہ ڪانهي. هنن موسىٰ (عليه السلام) کان بہ ان کان وڏو مطالبو ڪيو هو تہ اسان جي (اکين) آڏو الله کي ڏيکار. هنن جي هن سرڪشي ۽ زيادتي سبب کين آسماني بجليءَ پڪڙي ورتو. وري ان کان پوءِ هنن ڳابي کي پنهنجو معبود ٺاهي ڇڏيو. حالانڪ هنن وٽ هدايت لاءِ چٽيون چٽيون نشانيون اچي چڪيون هيون. هن گناهہ تي بہ اسان هنن کي معاف ڪري ڇڏيو ۽ موسىٰ عليه السلام کي هنن تي واضح غلبو عطا ڪيو. (153) ۽ اسان ڪوه طور جي دامن ۾ قانون خداوندي تي پوري طرح قائم رهڻ جو عهد ورتو ۽ کين چيو تہ اسان جي حڪمن آڏو سر تسليم خم ڪري بيت المقدس جي دروازي کان داخل ٿي وڃو ۽ کين اهو بہ چيو تہ سبت بابت ڏنل حڪمن جي خلاف ورزي نہ ڪجو ۽ هنن کان انهن سيني ڳالهين جو پڪو پختو عهد ورتو هو. (154)

اي پيغمبر ﷺ ! هي اهل ڪتاب يهودي توکي چون ٿا تہ اسان توکي الله جو سچو رسول تڏهن تسليم ڪنداسون، جڏهن تون پنهنجي نبوت جي تصديق لاءِ آسمان مان ڪو ڪتاب هنن تي نازل ڪرين. (البقره: 2/ 55، الاعراف: 155/7) هي ابتا سبتا سوال رڳو

توکان نہ ڪري رهيا آهن، پر هن کان اڳ ۾ وڏي گهر پنهنجي نبي موسیٰ ؑ کان ڪري چڪا آهن. هنن جي وڏڙن سينا جي ميدان ۾ چيو هو تہ اسان خدا کي ظاهر ظهور ڏسون، يعني اهو ڏسون تہ واقعي الله توتي ڪتاب نازل ڪري رهيو آهي ۽ توسان ڪلام ڪري رهيو آهي. واقعي تون خدا جو سچو رسول آهين. هنن جي انهي گستاخانہ شرارت جي ڪري انهن کي بجلي گهيري ورتو، ايڏي وڏي عذاب اچڻ باوجود بہ هنن ۾ ڪو سڌارو نہ آيو. هنن تي دين جي سچائي جا ڪيترائي روشن دليل بہ آيا، پر هدايت حاصل ڪرڻ بدران هنن ڳابي جي پوڄا شروع ڪري ڏني ۽ پنهنجي بت پرستي واري روايت کي دهرايو. اسان هنن جي انهن گناهن کي بہ معاف ڪيو ۽ موسیٰ ؑ کي نهايت واضح غلبو ۽ اختيار ڏنو. پوءِ اسان هنن کي جبل طور جي دامن ۾ آٽي جبل طور کي انهن جي سرن مٿان بلند ڪري احڪام الاهي جي اتباع لاءِ عهد ورتوسون جيڪو هنن قبول ڪيو. (البقره: 63/2) ۽ جهڙي طرح هن کان اڳ (البقره: 58) بيان ٿي چڪو آهي تہ اوهان فتح و ڪاميابي بعد بيت المقدس ۾ عاجزانا طور داخل ٿيو ۽ ڪنهن سان بہ ظلم زيادتي نہ ڪريو ۽ اسان کين چيو تہ سبت متعلق ڏنل حڪمن ۽ ضابطن جي خلاف ورزي نہ ڪريو (البقره: 65/2) هنن کان اهڙو عهد ورتو هيو، جيڪو عهد هنن ڪيو هو. (النساءِ: 155/4) وڌيڪ تفسير ان شاء الله سورة الاعراف: آيت 142 کان 147 تائين ڏسندا.

فَبِمَا نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ وَكُفْرِهِمْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ قَتْلِهِمُ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ
وَّ قَوْلِهِمْ قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ؕ بَلْ طَبَعَ اللّٰهُ عَلَيْهَا بِكُفْرِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْنَ اِلَّا
قَلِيْلًا ۠﴿۱۵۵﴾ وَّ بِكُفْرِهِمْ وَ قَوْلِهِمْ عَلٰى مَرْيَمَ بُهْتَانًا عَظِيْمًا ۙ﴿۱۵۶﴾ وَّ قَوْلِهِمْ
اِنَّا قَتَلْنَا الْمَسِيْحَ عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ رَسُوْلَ اللّٰهِ ۚ وَمَا قَتَلُوْهُ وَمَا صَلَبُوْهُ
وَلٰكِنْ شُبِّهَ لَهُمْ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِيْهِ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ ؕ مَا لَهُمْ
بِهٖ مِنْ عِلْمٍ اِلَّا اتِّبَاعَ الظَّنِّ ۚ وَمَا قَتَلُوْهُ يَقِيْنًا ۙ﴿۱۵۷﴾ بَلْ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيْهِ ؕ

وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿۱۵۸﴾ وَاِنْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اِلَّا لَيُؤْمِنَنَّ بِهٖ قَبْلَ مَوْتِهٖ ۚ
وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكُوْنُ عَلَيْهِمْ شَهِيْدًا ﴿۱۵۹﴾

پر هنن ڪنهن به عهد جي پابندي نه ڪئي هڪ هڪ ڪري ان کي ٽوڙيو. الله
جي حڪمن جو کلم کلا انڪار ڪيو. نبين کي ناحق قتل ڪيو، هر دعوت جو
اهو چئي جواب ڏنو ته اسان جي دلين تي پردا چڙهيل آهن. هنن جي هن
سرڪشي واري روش سبب هنن جي سمجهڻ سوچڻ جي صلاحيت سلب ٿي
گويا ڪفر جي ڪري مهر لڳي وئي. سو ٿورڙن ڪانسواءِ هو ايمان نه آڻي سگهيا
(155) حق ۽ سچائي جي انڪار ڪرڻ سبب هنن جي سنگدلي ان حد تي پهتي
ته هنن حضرت مريم جهڙي پاڪباز عورت تي بهتان مڙهيا. (156) ۽ سندن هي
فخريا بڪواس ته اسان عيسىٰ ؑ کي قتل ڪيو آهي. حالانڪ نه هنن ڪيس
قتل ڪيو ۽ نه وري ڦاسي چاڙهيو. پر ٿيو ائين جو هنن سوچيو ڪجهه، ٿي
ڪجهه ويو ۽ سارو منصوبو مشتبه ٿي ويو، حضرت عيسىٰ ؑ هنن جي
سازش ۾ ئي نه آيو. جيڪي ماڻهو هن معاملي ۾ اختلاف ڪري رهيا آهن،
سي شڪ ۾ پيل آهن. ڪين هن متعلق ڪا صحيح خبر نه آهي، هو رڳو خيالي
گهوڙا ڊوڙائي رهيا آهن. هنن هُن کي هرگز قتل ناهي ڪيو. (157) پر الله ان کي
پنهنجي پناهه ۾ ڪڻي ورتو. الله وڏي زور ۽ قوت وارو ۽ وڏي حڪمت ۽ دانائي وارو
آهي. (158) اهل ڪتاب مان ڪو اهڙو فرقو نه رهندو، مگر عيسىٰ ؑ جي موت
کان اڳ ان تي ايمان نه آڻي ۽ قيامت ڏينهن عيسىٰ ؑ هنن تي گواهه هوندو. (159)

الله سان ان جي اطاعت جي ڪيل سمورن وعدن ٽوڙڻ جي ڪري ۽ الله جي آيتن
۽ حڪمن جي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ تي ۽ الله جي نبين کي ناحق قتل ڪرڻ جي ڏوهه ۽

سندن انهيءَ شقاوت ۽ بدبختيءَ جي ڪري ته هنن جي بقول اسان جي دلين تي غلاف چڙهيل آهن ۽ اهي ڪنهن به هدايت جو اثر قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن(البقره: 88/2) انهن سمورين خطائن ۽ گستاخين سان گڏوگڏ هنن جي ڪفر اختيار ڪرڻ سبب الله هنن جي دلين تي مهر لڳائي سيل ڪري ڇڏيو آهي. (البقره: 7/2، الانعام: 46/6، الاعراف: 179/7، النحل: 108/16-78، الجاثيه: 23/45، الاحقاف: 26/46) اهو ئي سبب آهي جو چند ماڻهن ڪانسواءِ ٻيا سمورا ايمان جي دولت ڪان محروم آهن. ۽ هنن جي حق ڪان انڪار ڪرڻ ۽ ڪفر قبول ڪرڻ ۽ حضرت مريم عليها السلام جهڙي پاڪباز عورت بابت اهڙي تهمت لڳائڻ جيڪو هڪ وڏو بهتان هيو ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام جهڙي جليل القدر رسول حضرت مريم عليها السلام جي پٽ لاءِ چوندا هئا ته اسان هن کي سوليءَ تي چاڙهي ذلت وارو موت ڏنو آهي. پر اصل حقيقت اها آهي ته نه هنن ڪيس قتل ڪيو ۽ نه وري سوليءَ تي چاڙهيو ۽ هلاڪ ڪيو. (آل عمران: 3/ 45 ڪان 55، النساءِ: 4/ 157 ڪان 171) پر اصل حقيقت انهن جي مشتبه يعني منجهيل ٿي پئي. هنن سمجهيو ته مسيح عليه السلام کي ڦاسي تي چاڙهي ماريو آهي، پر ائين ڪو نه هيو، يهودين جي ابتڙ وري عيسائين چيو ته حضرت مسيح عليه السلام برابر ڦاسي تي چڙهيو هو پر پوءِ زنده ٿي ويو، اها ڳالهه به غلط آهي. اهي به شڪ شبهي جو شڪار آهن ۽ ظن و گمان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه معلوم نه اٿن.

هت مشتبه يعني اشتباهه جو ذڪر آهي، هن جو اهو مفهوم به ٿي سگهي ٿو، ته حضرت عيسىٰ عليه السلام جي شخصيت مشتبه ٿي وئي ۽ ان جي بدلي ڪنهن ٻئي ملندڙ جلندڙ چهري کي ڦاسيءَ تي چاڙهي ڇڏيائون يا حضرت عيسىٰ عليه السلام جي وفات غيريقيني يا مشتبه ٿي وئي. هو زنده هيو، پر هن کي مئل سمجهيو ويو. قرآن مجيد ان شبهي جي وضاحت ڪانه ڪئي آهي، ان ڪري يقين سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي، ڇوته اسان وٽ ڪو به اهڙو ذريعو ناهي، جو اصل حقيقت تان پردو کڄي. يقينًا يهودين عيسىٰ عليه السلام کي قتل ڪو نه ڪيو هو، پر الله ان کي پاڻ ڏانهن عزت ۽ اعلىٰ مرتبو ڏئي گهرائي ورتو هو. عيسىٰ عليه السلام کي اهڙي طرح يهودين جي قبضي مان ڪڍي صحيح سلامت پاڻ ڏانهن گهرائڻ ۾ الله جي زبردست قوت ۽ وڏي حڪمت ڪار فرمائي آهي. هُن لاءِ ائين ڪرڻ ذرا پر مشڪل نه آهي، ڇو ته هو وڏي قوت ۽ غلبي وارو آهي ۽ هر شيءِ ۾ هن جي حڪمت

كار فرما آهي. سوره مريم آيت 19 ۾ حضرت ادريس عليه السلام لاءِ وَرَفَعۡنٰهُ مَكَانًا عَلِيًّا ۽ هن آيت ۾ حضرت عيسىٰ عليه السلام جي بَلۡ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيۡهِ جي بيان جي نزاڪت مان معلوم ٿئي ٿو تہ هتي "رفعت اليه" ۾ درجات جي بلنديءَ سان گڏ مٿي وڃڻ جو غيرمعمولي واقعو ضرور مراد آهي. يهودين حضرت عيسىٰ عليه السلام جي مخالفت تڏهن شروع ڪئي، جڏهن هن يهودي نظام خلاف خدائي حڪمن جي تبليغ شروع ڪئي. ان بعد حضرت عيسىٰ ۽ حضرت مريم عليها السلام تي ولدالزنا ۽ زانيه جا الزام لڳايا، حالانڪ حضرت عيسىٰ عليه السلام جي ٻالڪپڻ ۾ اهو چوڻ تہ "اِنِّيۡ عَبۡدُ اللّٰهِ ؕ اٰتٰنِيَ الۡكِتٰبَ وَجَعَلَنِيۡ نَبِيًّا" (مريم: 30/19) تہ يقينًا مان الله جو عبد (ٻانهو) آهيان، جنهن الله عزوجل مون کي ڪتاب عنايت ڪيو آهي ۽ مون کي نبي بڻايو آهي. ان وقت يهودي مڃي وياهئا تہ برابر عيسىٰ عليه السلام نبي آهي ۽ حضرت مريم عليها السلام پاڪدامن آهي.

آيت 159 جي تشريح ۾ تفسيرن ۾ ڪافي اختلاف آهي. اهل ڪتاب مان عيسائين جو اهو عقيدو آهي تہ عيسىٰ عليه السلام ڦاسي چڙهي هنن جا گناهہ معاف ڪرائي ويو آهي. پر قيامت ڏينهن عيسىٰ عليه السلام هنن جي انهيءَ دعوىٰ خلاف گواهي ڏيندو تہ هن اهڙن عقيدن رکڻ جو نہ چيو هو. البيان ۾ آهي تہ هنن اهل ڪتاب مان هر هڪ پنهنجي موت کان اڳ لازمًا هن (قرآن) تي يقين آڻيندو ۽ قيامت جي ڏينهن هي ان جي گواهي ڏيندو. اهل ڪتاب مان ڪو بہ (اهڙو نہ هوندو جو هن (عيسىٰ عليه السلام) جي موت بعد ان تي ايمان نہ آڻيندو. ياد رهي تہ هت بہ "قبل موته" مان ڪن تفسيرن موجب مراد حضرت عيسىٰ عليه السلام آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ عيسىٰ عليه السلام جڏهن وري زمين تي ايندو تہ ان وقت يهودي پنهنجي غلط بيانيءَ کان تہ عيسىٰ عليه السلام کي ڦاسي ڏني وئي ۽ عيسائي پنهنجي غلط بيانيءَ کان تہ حضرت عيسىٰ عليه السلام ڦاسي چڙهي سڀ عيسائين جا گناهہ بخشرائي ويو آهي کان توبه تائب ٿي ان جي وفات کان اڳ ايمان آڻيندا. ڪجهہ تفسيرن جو خيال آهي تہ هت لَيُؤۡمِنَنَّ بِهٖ ۽ قَبۡلَ مَوۡتِهٖ ۾ "بِهٖ" ۽ "مَوۡتِهٖ" جو ضمير اهل ڪتاب لاءِ آهي، يعني هر اهل ڪتاب پنهنجي مرڻ کان اڳ عيسىٰ عليه السلام تي ايمان آڻيندو. اڪثر تفسيرن پهرين قول کي ترجيح ڏني آهي. عيسىٰ عليه السلام قيامت جي ڏينهن انهن تي شاهدي ڏيندو تہ اهل ڪتاب ڪيترو افراط ۽ تفريط ڪيو يا توبہ تائب ٿيا، حضرت عيسىٰ عليه السلام جي شهادت جو تفصيلي ذڪر المائده جي آخري رڪوع ۾ آهي. (المائده: 5/116-117)

فَبِظُلۡمٍ مِّنَ الَّذِیۡنَ هَادُوۡا حَرَّمۡنَا عَلَیۡهِمۡ طَیِّبٰتٍ اُحِلَّتۡ لَهُمۡ وَبِصَدِّهِمۡ عَنۡ
سَبِیۡلِ اللّٰهِ كَثِیۡرًا ﴿۱۶۰﴾ وَّاَخۡذِهِمُ الرِّبٰوا وَقَدۡ نُهُوۡا عَنۡهُ وَاَكۡلِهِمۡ اَمۡوَالَ النَّاسِ
بِالۡبَاطِلِ ؕ وَاَعۡتَدۡنَا لِلۡكٰفِرِیۡنَ مِنۡهُمۡ عَذَابًا اَلِیۡمًا ﴿۱۶۱﴾

پوءِ يهودين جي انهن زيادتين ۽ سرڪشيءَ جي نتيجي ۾ هي پاڪيزه خوشگوار شيون جيڪي اڳ ۾ هنن لاءِ حلال هيون، سزا طور هنن لاءِ حرام ڪيون ويون ۽ ان ڪري به ته هو ماڻهن کي الله جي رستي تي هلڻ کان ڪثرت سان روڪيندا هئا. (160) ۽ انهيءَ ڪري به ته هو وياج وٺندا هئا، حالانڪه هنن کي انهيءَ کان روڪيو ويو هو ۽ ان ڪري به ته هو ماڻهن جو مال ناجائز طريقي سان کائيندا هئا. هي انهن منڪرين مان ئي آهن جن لاءِ اسان دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي.(161)

هي بني اسرائيل جيڪي اڄ توکان مطالبو ڪري رهيا آهن، ته آسمان مان لکيل صحيفو لاهي ڏيکار، اهي ساڳيا بني اسرائيل آهن، جن پنهنجن نبين کان قسم قسم جا مطالبا ڪيا، جنهن جي ڪري سندن ڪتابن ۾ اهي شيون جيڪي هنن لاءِ حلال، پاڪ سٺيون شيون هيون، سي حرام ڪيون ويون. (الانعام: 146/6) هنن جي زيادتين جي فهرست تمام وڏي آهي. هي ٻين ماڻهن کي جيڪي دين حق جي سڌي رستي تي اچڻ گهرندا هئا، انهن جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيل هئا. يهودي دينِ موسوي کي ڇڏي، الله جي رستي کان منحرف ٿي ويا هيا. رات ڏينهن ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ ۽ دين حق کان دور رکڻ ۾ سرگرم عمل هيا. ۽ هر گمراهه ڪندڙ تحريڪ جا باني هيا ۽ حق پرستيءَ جي تاثير کي ختم ڪرڻ لاءِ مخالفن جي مالي امداد ڪندا هيا ۽ کلم کلا الله جي احڪام جي خلاف ورزي ۽ خدا جي نيڪ ٻانهن جي دشمنيءَ ۾ ڪو موقعو ضايع ٿيڻ نه ڏيندا هيا. هو ضرورتمند ماڻهن کي قرض لاءِ ڪجهه رقم ڏيندا هئا ته ان تي سود وٺي معاشري جي غريب

طبقي کي وڏيڪ مسڪين ۽ محتاج بڻائيندا هئا. حالانڪ هنن کي تورات ۾ ربا (وياج) وٺڻ کان منع ڪيل هئي ۽ هو ناجائز طريقن سان ٺڳي ۽ ڌاڙ ذريعي ٻين جو مال هڙپ ڪندا هيا ۽ اڄ تائين انهي خراب روش جا مرتڪب آهن. حضرت علي رضي الله تعالىٰ عنه جو قول آهي: ”كُلُّ قَرْضٍ جَرَّ مَنْفَعَةً فَهُوَ رِبَا“ قرض کان اضافي رقم ربا آهي. اهي آهن هنن جا جرم جنهن جي ڪري هي منڪر قوم دردناڪ عذاب ۾ مبتلا آهي. (البقره: 2/278-276-275، المائده: 61/5)

جڏهن ڪنهن قوم ۾ راست بازي ۽ پرهيزگاري نٿي رهي، ت پوءِ هر مباح، جائز ۽ ناجائز شين کي ڪرڻ جا عادي ٿي وڃن ٿا، ان ڪري الله تعالىٰ انهن جي بي اعتدالين کي ڏسندي، ڪجھ حلال شين کان ب انهن کي روڪي ڇڏي ٿو. يهودين جو اهو حال هيو ۽ انهن تي پابنديون سندن بدعمليءَ سبب لڳيون.

لٰكِنِ الرّٰسِخُوْنَ فِي الْعِلْمِ مِنْهُمْ وَالْمُؤْمِنُوْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ
وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ وَالْمُقِيْمِيْنَ الصَّلٰوةَ وَالْمُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَالْمُؤْمِنُوْنَ
بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ اُولٰٓئِكَ سَنُؤْتِيْهِمْ اَجْرًا عَظِيْمًا ؑ ﴿١٦٢﴾ اِنَّآ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ ع ۲۲ ۱۰ ۲
كَمَآ اَوْحَيْنَآ اِلٰى نُوْحٍ وَّالنَّبِيّٖنَ مِنْۢ بَعْدِهٖ ۚ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْمٰعِيْلَ
وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ وَعِيْسٰى وَاَيُّوْبَ وَيُوْنُسَ وَهٰرُوْنَ وَسُلَيْمٰنَ ۚ
وَاٰتَيْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا ۚ ﴿١٦٣﴾ وَرُسُلًا قَدْ قَصَصْنٰهُمْ عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ وَرُسُلًا
لَّمْ نَقْصُصْهُمْ عَلَيْكَ ؕ وَكَلَّمَ اللّٰهُ مُوْسٰى تَكْلِيْمًا ۚ ﴿١٦٤﴾

هنن اهل ڪتاب مان راسخ علم وارا (دانشور) ۽ مؤمن اهي آهن، جن هن ڪتاب تي جيڪو توتي نازل ٿيو آهي ۽ جيڪو توکان اڳ نازل ٿيو آهي، تي ايمان رکن ٿا. خاص طور قيام نماز جو اهتمام ڪرڻ وارا ۽ زڪوات ڏيڻ وارا آهن. الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکڻ وارا آهن. هي اهي ماڻهو آهن

جن کي عنقريب اسان اجر عظيم عطا ڪنداسون. (162) هنن جي هل هنگامي ۽ انڪار جي پرواهه نه ڪر. اي پيغمبر! اسان تو ڏانهن به اهڙي طرح وحي ڪئي آهي جهڙي طرح نوح عليه السلام ۽ ان کان پوءِ اچڻ وارن نبين (سڀڻ) طرف ڪئي هئي. اسان ابراهيم، اسماعيل، اسحاق، يعقوب، اولادِ يعقوب، عيسيٰ، ايوب، يونس، هارون ۽ سليمان عليهم السلام ڏانهن به وحي ڪئي ۽ داؤد عليه السلام کي اسان زبور عطا ڪئي (163) اسان انهن رسولن ڏانهن به اهڙي طرح وحي موڪلي، جن جو هن اڳ توهان سان ذڪر تي چڪو آهي ۽ انهن رسولن سڀڻ ڏانهن به وحي موڪلي جن جو توهان سان ذڪر نه ٿيو آهي ۽ موسىٰ عليه السلام سان الله هم ڪلام ٿيو. (164)

بني اسرائيل جي سموري قوم گمراهه تي نه وئي هئي، پر انهن مان جيڪو ماڻهو غلط روش کي ڇڏي سڌي راهه اختيار ڪندو ته اهو عذاب الاهي کان بچي ويندو. ان ڪري انهن بني اسرائيل مان به ڪجهه اهڙا انسان آهن، جن علم ۾ پختگي ۽ ڄاڻ حاصل ڪري ورتي آهي ۽ پنهنجي ذاتي تحقيق ۽ بصيرت سبب مؤمنن سان گڏ توتي نازل ڪيل ڪتاب قرآن ۽ اڳين رسولن تي نازل ڪيل سيني ڪتابن تي ايمان رکن ٿا. ”اَلرّٰسِخُوْنَ“ پختي ۽ يقيني علم وارا (آل عمران: 7/3) نماز جو قيام ۽ زڪوات جي ادائگيءَ جو پورو پورو اهتمام ڪن ٿا. الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا. هي اهي ماڻهو آهن، جن جي اعمال جو انهن کي الله طرفان جلد بدلو ملي ويندو، اهڙو بدلو جيڪو عظيم اجر هوندو.

اي نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم اسان تو ڏانهن به اهڙي طرح وحي نازل ڪئي آهي، جهڙي طرح نوح عليه السلام ڏي يا انهن نبين سڀڻ ڏانهن جيڪي نوح عليه السلام کان بعد آيا وحي ڪئي هئي. ”وَلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ“ (الرعد: 7/13) ” وَاِنْ مِّنْ اُمَّةٍ اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ ○“ الفاطر: 24/35) هي ڪو نئون دين نه آهي، هن جو سلسلو نوح عليه السلام کان هلندو پيو اچي، جيئن اسان وحي ڪئي هئي، ابراهيم، اسماعيل، يعقوب، يعقوب جي اولاد يحىٰ، ايوب، يونس، هارون، سليمان عليهم السلام تي ۽ ساڳي طرح داؤد عليه السلام تي زبور نازل ڪئي. مطلب ته اڳين

سمورن نبين کي اهو ساڳيو دين ڏنو ويو هو، جن مان ڪجهہ جو اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي. پر انهن مان ڪجهہ جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح الله تعالیٰ موسیٰ عليه السلام سان ڪوه طور تي ڪلام ڪيو. وحيءَ جو اهو سلسلو اصل کان جاري آهي، جيڪو وحدتِ دين جو دليل آهي، تہ الله طرفان سچائي هڪ آهي، گروهہ بنديون گمراهي جو نتيجو آهن. قرآن انهن سڀني سچائين جي تصديق ڪري ٿو ۽ ڪو بہ اهڙو ملڪ ۽ قوم، زمانو ناهي جتي رسول نہ آيو هجي، هي آخر رسول بہ ان دين جي تڪميل جي آخري ڪڙي آهي. سابقه آسماني ڪتابن ۽ صحيفن ۾ تحريف ٿي چڪي آهي. هيئر ڪوبہ ڪتاب اصلي حالت ۾ موجود ناهي. هي قرآن انهن سڀني ڪتابن جي سچاڻپ جي تصديق ڪري ٿو. اڳين رسولن ۽ نبين تي وحي هڪ آواز يا فرشتي جي پيغام طور ايندي هئي. حضرت موسیٰ عليه السلام سان الله تعالیٰ هم ڪلام ٿيو، جنهن جو تفصيل سوره طٰهٰ ۾ بين ڪيترين سورتن ۾ آهي. نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم تي جبرئيل عليه السلام جي بار بار اچڻ ۽ سورة النجم جي روشنيءَ ۾ خدا جو اڪين سان ديدار ڪرڻ، هم ڪلام ٿيڻ، هڪ خاص عظمت ۽ محبت جو اظهار آهي.

"كَلَّمَ اللّٰهُ مُوْسٰى تَكْلِيْمًا" ۾ "كَلَّمَ" کان بعد مصدر "تَكْلِيْمًا" آڻڻ مان مراد آهي تہ ڪو ماڻهو ائين نہ سمجهي تہ حضرت موسیٰ عليه السلام سان الله تعالیٰ جي گفتگو فرشتي ذريعي ٿي هئي يا ڪلام ڪرڻ جي الله ڏانهن نسبت مجازي آهي. پر حقيقت ۾ الله جل شانه بغير فرشتي ۽ بغير ڪنهن واسطي پاڻ ذات ڪبريائيءَ سان حضرت موسیٰ عليه السلام سان همڪلام ٿيو. هي ڪليم الله جو مقام آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام خليل الله جي مقام تي آهي، جيڪو هر حال ۾ پنهنجي رب جي رضا تي راضي رهي، پر نبي اڪرم حضرت محمد خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم حبيب الله آهي، جنهن جي رضا، وحيءَ جي رضا آهي. رب هن جي رضا جو خواهان آهي. (البقره: 144/، الضحیٰ: 5/93) سبحان الله وبحمده.

رُسُلًا مُّبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَى اللّٰهِ حُجَّةٌۢ بَعْدَ الرُّسُلِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿۱۶۵﴾ لٰكِنِ اللّٰهُ يَشْهَدُ بِمَآ اَنْزَلَ اِلَيْكَ اَنْزَلَهٗ بِعِلْمِهٖ ۚ وَالْمَلٰٓئِكَةُ يَشْهَدُوْنَ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿۱۶۶﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ قَدْ ضَلُّوْا ضَلٰلًاۢ بَعِيْدًا ﴿١٦٧﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
وَظَلَمُوْا لَمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ طَرِيْقًا ﴿١٦٨﴾ اِلَّا طَرِيْقَ
جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿١٦٩﴾

هي رسول جنهن کي چڱن ڪمن جي نتيجن جي خوشخبري ڏيندڙ ۽ برن ڪمن جي نتيجن کان تنبيه ڪندڙ ڪري موڪليو ته جيئن هنن رسولن جي اچڻ کان پوءِ ماڻهن وٽ الله آڏو ڪو بہ عذر پيش ڪرڻ باقي نہ رهي. الله زبردست قوت جو مالڪ ۽ سراپا حڪمت ۽ دانائيءَ جو ڌڻي آهي. (165) هي الله جي آيتن کي مڃڻ کان انڪار ڪن ٿا تہ ڀلي ڪن پر الله پاڻ گواهي ڏئي ٿو تہ هن جو ڪجهہ توتي نازل ڪيو آهي هن کي پنهنجي علم سان نازل ڪرڻ فرمايو اٿس ۽ هن جا فرشتا بہ گواهي ڏين ٿا. حالانڪہ الله جي گواهي ئي ڪافي آهي. (166) بيشڪ جن ماڻهن ايمان آڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ الله جي راهہ اختيار ڪرڻ کان روڪيو، اهي ڏورانهين گمراهيءَ ۾ پري وڃي پيا. (167) بيشڪ جن ماڻهن ايمان آڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهڙي طرح پنهنجو پاڻ سان ظلم ڪري وينا. الله انهن کي بخشڻ وارو نہ آهي ۽ نہ انهن کي جهنم ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي رستي جي هدايت ڏيڻ وارو آهي. (168) هي هميشہ هميشہ ان دوزخ ۾ ئي رهندا ۽ الله جي لاءِ (انهن فيصلن کي عملي جامو پهرائڻ) آسان آهي. (169)

هي سمورا رسول ڪرام الله طرفان انهيءَ لاءِ موڪليا ويا هئا تہ هو ماڻهن کي خدا جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪين الله جي نعمتن ۽ فضل و ڪرم جي خوشخبري ڏين ۽ الله جي حڪمن جي انحرافي ڪندڙن کي سندن بداعمالين جي نتيجي ۾ ملندڙ عذاب کان خبردار ڪن ۽ ڊيڄارين. ان ڪري وقت بوقت نبين جو سلسلو جاري رهيو تہ ڪو ماڻهو الله وٽ اها حجت پيش نہ ڪري تہ اسان کي حق ۽ ناحق، نيڪ ۽

بد، غلط ۽ صحيح ٻڌائڻ وارو آيو ئي ڪو نہ، تہ پوءِ اسان جو ڪهڙو ڏوهہ آهي، جو اسان کي سزا ملي، (طٰهٰ: 134/20) ان ڪري الله تعالى انسانن جي سڌاري لاءِ وحي الاهي جو سلسلو جاري رکيو. "وَاِنْ مِّنْ اُمَّةٍ اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ" (الفاطر: 24-25/35) ۽ ڪابہ امت اهڙي ناهي، جنهن ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ آيو هجي. "وَّلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ" (الرعد: 7/13) ۽ هر قوم لاءِ هادي ۽ رسول آيو آهي. پوين ٽن آيتن ۾ چيو ويو آهي تہ الله هڪ آهي ۽ وحدتِ دين بہ هڪ آهي. سڀني رسولن اها تبليغ ڪئي آهي، پر انهن جي قوم فرقه بندي جو شڪار ٿي وئي. قرآن بعض پيغمبرن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي 25-24 آهن، باقي جو ذڪر ناهي. سمورن جي تصديق ڪرڻ ۽ سمورن تي ايمان آڻڻ لازمي آهي، ڪو اهڙو دور ناهي گذريو، جنهن ۾ خدا جو پيغمبر نہ آيو هجي، ان ڪري جيڪي حق ۽ سچائيءَ جا قائل آهن، اهي قرآن تي بہ اهڙيءَ طرح ايمان رکن ٿا، جهڙيءَ طرح پوين ڪتابن تي ايمان رکن ٿا. ان ڪري يهودين جو اهو اعتراض تہ آسمان کان لکيل ڪتاب لاهي اچ، اهو بي سود ۽ غلط آهي.

خدا ايترو تہ قوت ۽ غلبي وارو آهي، جو ڪو بہ هن جي گرفت کان بچي نہ سگهندو، هن جو هر حڪم حڪمت ۽ دانائي سان لبريز آهي. اي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ! هن حجت ۽ دليل بعد بہ جيڪڏهن هي ماڻهو تنهنجي سچائيءَ جا انڪاري آهن تہ هنن جي انڪار جي ڪا اهميت ناهي، جنهن الله جو ڪجهہ توتي نازل ڪيو آهي، الله ان نازل ڪيل هدايت جي سچائي جي گواهي ڏئي ٿو تہ لاريب فيه هن ۾ ڪو بہ شڪ شبهو ناهي، الله تعالى هن کي پنهنجي علم سان نازل ڪيو آهي ۽ الله جا فرشتا بہ هن ڪتاب جي سچائي جي گواهي ڏين ٿا ۽ جنهن جي سچائي جي الله گواهي ڏئي تصديق ڪري، ان کان وڌيڪ ڪهڙي گواهي ٿي سگهي ٿي، جن ماڻهن دين حق جي سچائين جو انڪار ڪيو خود تہ گمراهہ ٿيا پر ٻين ماڻهن کي بہ حق جي راهہ تي هلڻ کان روڪيو تہ اهي هڪ وڏي گمراهي ۾ ڀٽڪي نهايت پري پهچي ويا، جن ماڻهن حق ۽ هدايت کي قبول ڪرڻ بدران گمراهيءَ جو رستو اختيار ڪيو ۽ ڪفر ۽ ظلم ڪيو، اهڙن ظالم گمراهہ ماڻهن جي الله وٽ بخشش ناهي ۽ اهي پنهنجي گمراهيءَ کي ڇڏي سڌي رستي تي اچڻ وارا نہ آهن. هنن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ جنهن جهنم واري راهہ تي هلي رهيا آهن، هميشه انهيءَ راهہ ۾ ڀٽڪندا ۽ باهہ ۾ سڙندا رهندا ۽ اتي ڪين رکڻ الله تعالى لاءِ آسان آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ مِنْ رَّبِّكُمْ فَاٰمِنُوْا خَيْرًا لَّكُمْؕ
وَاِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱۷۰﴾
يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ وَلَا تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّؕ اِنَّمَا
الْمَسِيْحُ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ رَسُوْلُ اللّٰهِ وَكَلِمَتُهٗۚ اَلْقٰهَاۤ اِلٰى مَرْيَمَ
وَرُوْحٌ مِّنْهُ٘ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ۚ وَلَا تَقُوْلُوْا ثَلٰثَةٌؕ اِنْتَهُوْا خَيْرًا وقف لازم
لَّكُمْؕ اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌؕ سُبْحٰنَهٗۤ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗ وَلَدٌ ۘ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ
وَمَا فِي الْاَرْضِؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿۱۷۱﴾ ع ٢٣ / ٣

انسانؤ! هي رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم اوهان ڏانهن توهان جي پروردگار پاران حق (جو پيغام) کڻي آيو آهي. سو توهان ان تي ايمان آڻيو. انهيءَ ۾ ئي اوهان جي بهتري آهي. پر جيڪڏهن (حق جو) انڪار ڪندؤ ته ياد رکو ته الله جو ڪو به نقصان نٿا ڪري سگهو، ڇو ته جيڪو ڪجهه به آسمانن ۽ زمين ۾ آهي اهو سڀ الله جي حڪمراني ۽ اقتدار کي تسليم ڪري ٿو. الله عليم ۽ حڪيم آهي يعني هر شيءِ هن جي علم ۽ حڪمت جي دائري آهي. (170) اي اهل ڪتاب! اوهان پنهنجي دين ۾ حد کان اڳتي نه وڌو ۽ الله جي شان ۾ حق ۽ سچ کان سواءِ ڪجهه نه چئو، حقيقت هن طرح آهي ته مسيح عليه السلام ابن مريم عليها السلام الله جو رسول ۽ هن جو هڪ ڪلمو يا قول هيو، جيڪو هن مريم عليها السلام ڏانهن القاء ڪيو (موڪليو) هو ۽ هن جي طرفان هڪ روح هيو، پوءِ اوهان الله ۽ ان جي رسول سڳورن تي ايمان آڻيو ۽ ائين نه چئو ته معبود (الله) ٽي آهن، هن غلط عقيدي کي ڇڏي واپس (سچي ايمان تي) اچو. اهو ئي اوهان جي لاءِ بهتر

**آهي. بيشڪ الله وحده (اڪيلو) معبود آهي، هو هن (نقص) ڪان پاڪ آهي تہ هن ڪي اولاد هجي، زمين ۽ آسمانن ۾ ان جي بادشاهي ۽ حڪمراني آهي ۽ الله ئي ڪافي ڪارساز آهي. (171)**

هت نوع انسان کي خطاب آهي تہ انسانؤ! بيشڪ الرسول يعني حضرت محمد مصطفیٰ خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم توهان جي پروردگار طرفان اوهان ڏانهن حق ۽ سچائيءَ سان آيو آهي، جنهن جي رسول خدا هجڻ ۾ ڪو شڪ ناهي ۽ نہ وري ان جي سچائيءَ کي ڪو ڪوڙ ثابت ڪري سگهي ٿو. اوهان لاءِ سنو آهي تہ اوهان هن رسول تي ايمان آڻيو ۽ ان جي ٻڌايل رستي تي هلي هن جي اطاعت ڪريو. (البقره: 2/137-129، آل عمران: 3/164-159، النساءِ: 4/174-170-80، الاعراف: 7/157، الاحزاب: 33/ 45 کان 48 ) پر جيڪڏهن اوهان هن سچائي جو انڪار ڪندا ۽ ڪفر اختيار ڪندا تہ اوهان الله جي ڪائناتي نظام ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندا. ”اِنْ تَكْفُرُوْٓا اَنْتُمْ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ حَمِيْدٌ ○“ (ابراهيم: 8/14) جيڪڏهن توهان ۽ روءِ زمين تي رهڻ وارا سڀ ڪفر جو رستو اختيار ڪريو تہ اهي الله جو ڇا بگاڙي سگهندا. الله عزوجل تہ بي پرواهہ ۽ قابل تعريف آهي. هي زمين آسمان الله جي زير حڪم آهن. ۽ ان جي نظام مطابق ڪارفرما رهندا. اي منهنجا ٻانها! جيڪڏهن توهان سمورا انسان ۽ جن هڪ متقي ماڻهوءَ وانگر متقي ٿي وڃو، تہ بہ منهنجي بادشاهيءَ ۾ زيادتي نہ ايندي. پر جيڪڏهن توهان سمورا جن ۽ انسان بلڪل هڪ نافرمان شخص وانگر يڪ دل ۽ يڪ آواز ۽ يڪ صفات ٿي ڪفر جو رستو اختيار ڪندا، تہ بہ ان سان منهنجي اقتدار ۽ حڪومت ۾ ذرا ڪمي نہ ايندي. جيڪڏهن توهان سمورا گڏ ٿي مون کان ڪجهہ گهرو تہ مان توهان سيني کي خواهش مطابق ڏيان تہ بہ ان سان منهنجي خزاني ۾ ايتري ڪمي نہ ايندي، جو سمنڊ ۾ هڪ سئي ٻوڙي، ٻاهر ڪيو تہ ان سان جيترو پاڻي لڳو، ان کان بہ گهٽو گهٽ منهنجي خزاني ۾ ڪمي ڪونہ ٿيندي. (صحيح مسلم) پر اوهان جي بدبختي اوهان لاءِ ئي هاڃيڪار ٿيندي. ٻين لفظن ۾ اوهان جي انڪار سان نہ زمين لڏندي نہ آسمان ڦاٽندو، رڳو اوهان جي پنهنجي تباهي ٿيندي. الله جو نظام هلندو رهندو، الله هر شيءِ کان پوري طرح باخبر آهي. هن جو هر حڪم حڪمت تي ٻڌل آهي.

اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين ۾ غلو نہ ڪريو يعني اصل حقيقت کان اڳتي وڌي نہ وڃو. غلو وڏو گناهہ آهي. (الاعراف: 180/7، 182) "اِتَّخَذُوْٓا اَحْبَارَهُمْ وَرُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ" التوبه: 31/9) الله جل شانه کي ڇڏي، پنهنجن عالمن ۽ خانقاهي بزرگن کي پنهنجو رب ڪيو اٿن، الله ڏانهن حق جي ڳالهہ ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ ڳالهہ منسوب نہ ڪريو، اوهان عيسىٰ عليہ السلام بابت ڪيترين غلط ڳالهيون ڪيون آهن، حالانڪ عيسىٰ عليہ السلام حضرت مريم عليها السلام جو پٽ آهي ۽ الله جو رسول آهي ۽ الله جي بشارت واري ڪلمي جو ظهور آهي ۽ الله جي طرفان موڪليل روح آهي، جنهن جي تعليم وحي الاهي موجب آهي. روح جي معنىٰ آهي: "مَا بِهِ الْحَيَاةُ" يعني جنهن سان زندگي قائم هجي. زندگي ٻن قسمن جي آهي: هڪ حسّي زندگي، جنهن جي ذريعي گهمڻ ڦرڻ، ڳالهائڻ، ٻڌڻ، روئڻ، خوش ٿيڻ ۽ ياد ڪرڻ وغيره جهڙا افعال صادر ٿين ٿا. ٻي معنوي زندگي آهي، جنهن سان ذات جي تعمير ٿئي ٿي. ذات جي تدبر مان مراد آهي تہ هو سراپا خير ٿي وڃي ته ۽ الله پنهنجي اهڙي نيڪ ٻانهي جي رضا کي پنهنجي رضامندي چوي ٿو. بقول علامہ اقبال رحمۃ اللہ علیہ جي:

خودی کو کر بلند اتنا کہ ہر تقدیر سے پہلے
خدا خود بندے سے پوچھے بتا تیری رضا کیا ہے

هي اهو مقام اعلىٰ آهي، جنهن کي "رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ" سان تعبير ڪيو ويو آهي.

نشاں یہی ہے زمانے میں زندہ قوموں کا
کہ صبح و شام بدلتی ہیں ان کی تقدیریں (اقبال)

حديث شريف ۾ آهي تہ الله جل شانه فرمائي ٿو تہ جڏهن منهنجو ٻانهو نوافل جي ادائگيءَ ۾ منهنجي قربت حاصل ڪري ٿو، ايتري قدر جو مان الله ذوالجلال هن سان محبت ڪريان ٿو ۽ جڏهن مان هن کي پنهنجو دوست بنايان ٿو تہ پوءِ مان ان جي قوت سماعت بڻجي وڃان ٿو، جنهن سان هو ٻڌي ٿو، ان جي اک بڻجي وڃان ٿو، جنهن سان هو ڏسي ٿو ۽ ان جا هٿ بڻجي وڃان ٿو، جن سان هو پڪڙي ٿو ۽ هن جا پير بڻجي وڃان ٿو،

جنهن سان هو هلي ٿو. (صحيح بخاري، مشڪواة شريف)

چوں ز خود رفتی ہمہ حق گشتی
رفت ظلمت نور مطلق گشتی

جڏهن تو ”اَنا“ ختم ڪئي ته پاڻ حق ٿي وئين. انڌيرا هليا ويا ۽ سراپا نور ٿي نور ٿي ويو.

قرآن ڪريم ڪي به روح چيو ويو آهي. ” وَكَذٰلِكَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ رُوۡحًا مِّنۡ اَمۡرِنَا “ (الشوریٰ: 52/42) چوته قرآن مجيد حياتِ معنوي يا روحاني حيات جو سرشتو آهي. حضرت عيسىٰ عليه السلام حياتِ حسّي ۽ حيات معنوي ٻنهي جا مظهر هئا، ان ڪري ڪين سراپا ”روح الله“ چيو ويو آهي. روح الله چئي، ان اعلىٰ شرف، خصوصي مقبوليت جو اظهار مقصود آهي، جيڪو بارگاهه الهيءَ مان حضرت عيسىٰ عليه السلام کي عنايت ٿيو. هتي ”رُوۡحٌ مِّنۡهُ“ آيو آهي، پر سورة البقره ۾ ”اَيَّدۡنٰهُ بِرُوۡحِ الۡقُدُسِ“ آيو آهي، مطلب ته حضرت عيسىٰ عليه السلام کي اهڙرو پاڪ روح عطا ٿيو هو، جو بديءَ کان بلڪل نا آشنا هو. حضرت آدم عليه السلام لاءِ آيو آهي ته ”نَفَخۡتُ فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِىۡ“ (الحجر: 29/15) ۽ تمام بني آدم لاءِ آيو آهي ” ثُمَّ سَوّٰٮهُ وَنَفَخَ فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِهٖ“ (حٰم السجده: 9/41) حضرت عيسىٰ عليه السلام کي ”كَلِمَةُ اللّٰهِ“ يا ”كَلِمَتُهٗ“ به چيو ويو آهي. امام غزالي رحمة الله عليه جو چوڻ آهي ته مولود ٻن طريقن سان حيات پذير ٿئي ٿو، هڪ الله جي تخليق واري ارادي ”كُنۡ“ يعني ”ٿي پئو“ ته ٿي وڃي ٿو. ٻيو مُروجه طريقو آهي ته مرد ۽ عورت جي ميلاپ سان ولادت پائي ٿو. پهريون سبب به حقيقي آهي، پر نظرن ۾ ناهي. اهو سبب بعيد آهي. ٻيو سبب معروف ۽ ڄاتل سڃاتل طريقو آهي، جنهن کي سبب قريب سڏجي. حضرت عيسىٰ عليه السلام جي پيدائش سبب قريب ناهي، پر سبب بعيد آهي. هت به بشارت حضرت مريم عليها السلام کي هئي ۽ ان بشارت ۽ الله جي قدرت ۽ آيت کي حضرت عيسىٰ عليه السلام ڏانهن منسوب ڪري ” كَلِمَةُ اللّٰهِ“ چيو ويو، يعني سبب جو اطلاق مُسبَّب تي ڪيو ويو. جهڙيءَ طرح چوندا آهن ته پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم حضرت ابراهيم عليه السلام جي دعا آهي. پر حقيقت ۾ دعا ناهن، پر دعا جو جواب آهن. ان ڪري الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ اها غلط ڳالهه نه ڪريو ته الله ٽي آهن، هن ڪفر جي ڪلمي چوڻ کان باز اچو. انهيءَ ۾ ئي توهان جي بهتري آهي.

يهودي ۽ عيسائي افراط ۽ تفريط جا شڪار رهيا. محبت ۾ مخلوق کي خدا بڻائي ڇڏيو. مخالفت ڪئي تہ ان جي صداقت جو انڪار ڪيو. زهد و تقویٰ ڪئي تہ رهبانيت ۾ هليا ويا، وري ڇڙواڳي اختيار ڪئي، تہ پوءِ حلال حرام سڀ جائز ٿي ويا. ڪن حضرت عيسیٰ عليہ السلام کي الله ۽ ابن الله جو درجو ڏنو ۽ بيبي مريم عليها السلام کي پاڪدامن، باعصمت ۽ حيادار چيو تہ ڪن حضرت عيسیٰ عليہ السلام کي ولدالزنا ۽ بيبي مريم عليها السلام کي زانيہ جو لقب ڏنو. (نعوذبالله من ذالڪ) مؤمنن کي غلو کان روڪيو ويو آهي ۽ اعتدال جو حڪم ڏنو ويو آهي. سچ تہ اهو آهي تہ الله هڪ آهي اهو ئي عبادت جي لائق آهي، هن کان سواءِ ڪير ناهي، اهو اڪيلو معبود آهي. هو هن شيءِ کان پاڪ آهي تہ هن کي پٽ جو اولاد هجي زمين ۽ آسمانن جو پورو نظام الله جي ئي قدرت سان قائم آهي. ان ڪري هن نظام هلائڻ لاءِ ڪيس پٽ يا مددگار جي ڪا ضرورت نہ آهي. الله ئي هن پوري ڪائنات جي ڪارخاني جو ڪارساز آهي. قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ﴿۳﴾ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿۴﴾ الله تہ هڪڙو آهي. هو ڪنهن جي مدد يا حمايت کان بي نياز بادشاهہ آهي. نہ هن جو اولاد آهي ۽ نہ وري هو والد آهي. هن جو مد مقابل ۽ برابري ڪرڻ وارو ڪو ناهي.

لَنْ يَّسْتَنْكِفَ الْمَسِيْحُ اَنْ يَّكُوْنَ عَبْدًا لِّلّٰهِ وَلَا الْمَلٰٓئِكَةُ الْمُقَرَّبُوْنَ ؕ وَمَنْ يَّسْتَنْكِفْ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَ يَسْتَكْبِرْ فَسَيَحْشُرُهُمْ اِلَيْهِ جَمِيْعًا ﴿۱۷۲﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ وَيَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۚ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ اسْتَنْكَفُوْا وَاسْتَكْبَرُوْا فَيُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ۬ وَّلَا يَجِدُوْنَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿۱۷۳﴾

عيسیٰ عليہ السلام ۽ نہ وري مقرب فرشتا ان کي عار سمجهن ٿا. ڪير بہ جيڪڏهن هن جي بندگي ڪرڻ کي عار سمجهي ۽ تڪبر ڪري تہ پوءِ الله اهڙن سمورن ماڻهن کي عنقريب پاڻ وٽ جمع ڪرڻ فرمائيندو (172) پوءِ جن ماڻهن بہ ايمان قبول ڪيو

۽ نيڪ عمل ڪندا رهيا، انهن کي پورو پورو اجر عطا ڪرڻ فرمائيندو ۽ پنهنجي فضل سان انهن کي اڃا وڌيڪ عنايت ڪندو. پر جن ماڻهن الله جي عبادت کي عار سمجهيو ۽ تڪبر ڪيو ته هو انهن کي نهايت درد ناڪ عذاب ڏيندو. (173)

مسيح عليه السلام جنهن کي اوهان تثليث جي خود ساخته عقيدي ۾ الله جو شريڪ بڻايو ٿا، اها اوهان جي خام خيالي آهي، حالانڪ خود مسيح عليه السلام پاڻ کي الله جو عبد (ٻانهو) سمجهڻ ۾ ڪو شرم محسوس نٿو ڪري ۽ نه وري خدا جي مقرب فرشتن کي خدا جو عبد (ٻانهو) سمجهڻ ۾ ڪو عيب آهي. اهي سڀ خدا جي مخلوق آهن ۽ خدا جي مخلوق مان جيڪڏهن ڪو خدا جي بندگيءَ ۾ ننگ ۽ عار سمجهي ٿو ۽ تڪبر ۽ غرور ڪري پاڻ کي ٻانهو نٿو سمجهي ته پوءِ هو الله جي گرفت کان ڪاڏي ڀڄي نه نڪرندو. ان ڏينهن الله کان سواءِ هن جو ڪوبه حامي يا مددگار نه هوندو، نه ڪنهن جي سفارش هلندي ۽ نه وري مال متاع بدلي ۾ ڏئي جان ڇڏائي سگهندو. الله اهڙي سموري خودسر مخلوق کي پاڻ وٽ گڏ ڪندو. ان ڏينهن جنهن به شخص نيڪ ڪم ڪيا هوندا ۽ ايمان جي دولت سان مالا مال هوندا ته انهن کي سندن نيڪ ڪمن جو پورو پورو اجر ۽ ثواب ملندو. نه رڳو اهو پر خداوند ڪريم انهن تي وڌيڪ مهرباني ڪري پنهنجا وڌيڪ فضل ۽ احسان ڪندو، پر جن ماڻهن پاڻ لاءِ خدا جي بندگيءَ کي عيب ۽ عار سمجهيو ۽ پاڻ کي وڏي شان ۽ مان وارو تصور ڪيو، غرور ۽ تڪبر ڪيو ته الله تعالىٰ انهن مغرور ماڻهن کي نهايت دردناڪ عذاب ڏيندو. انهيءَ ڏينهن هنن کي الله کانسواءِ نه ڪوئي همدرد دوست ملندو ۽ نه ڪوئي مددگار هوندو، جنهن ڏينهن جو قرآن حڪيم ۾ گهڻو ذڪر آهي. (البقره: 2/48-123-254، الشورىٰ 47/42، عبس: 80/ 33 کان 37، الانفطار: 82/ 15 کان 19، القارعه: 101/ 1 کان 5، الماعون: 107/1)

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا ﴿١٧٤﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَاعْتَصَمُوْا بِهٖ فَسَيُدْخِلُهُمْ فِيْ رَحْمَةٍ مِّنْهُ وَفَضْلٍ ۙ

وَّ يَهۡدِيۡهِمۡ اِلَيۡهِ صِرَاطًا مُّسۡتَقِيۡمًا ﴿۱۷۵﴾ؕ يَسۡتَفۡتُوۡنَكَ ؕ قُلِ اللّٰهُ يُفۡتِيۡكُمۡ فِى
الۡكَلٰلَةِ ؕ اِنِ امۡرُؤٌا هَلَكَ لَيۡسَ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَهٗۤ اُخۡتٌ فَلَهَا نِصۡفُ مَا تَرَكَ ۚ
وَهُوَ يَرِثُهَاۤ اِنۡ لَّمۡ يَكُنۡ لَّهَا وَلَدٌ ؕ فَاِنۡ كَانَتَا اثۡنَتَيۡنِ فَلَهُمَا الثُّلُثٰنِ مِمَّا
تَرَكَ ؕ وَ اِنۡ كَانُوۡۤا اِخۡوَةً رِّجَالًا وَّ نِسَآءً فَلِلذَّكَرِ مِثۡلُ حَظِّ الۡاُنۡثَيَيۡنِ ؕ
يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمۡ اَنۡ تَضِلُّوۡا ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿۱۷۶﴾ ع ٢٤ ٥ ٤

اي نوع انسان! بيشڪ الله پاران اوهان وٽ حجت ۽ دليل قاطع (يعني ذات گرامي حضرت محمد خاتم النبيين صلي الله تعالیٰ عليه وآله وسلم) اچي چڪو آهي ۽ اسان اوهان ڏانهن روشن نور (قرآن ڪريم) نازل ڪيو آهي.(174) پوءِ جن ماڻهن ايمان قبول ڪيو ۽ ان کي مضبوطي سان پڪڙي رکيو ته عنقريب الله انهن کي پنهنجي خاص فضل ۽ رحمت ۾ داخل ڪرڻ فرمائيندو ۽ پاڻ تائين پهچڻ جو سڌو رستو ڏيکاريندو (175) هي تو کان فتويٰ وٺڻ گهرن ٿا. ڪين چئو ته الله اوهان کي ڪلاله (يعني جيڪو بغير اولاد ۽ بغير والدين مري وڃي) جي مال وراثت جي باري ۾ هي حڪم آهي ته جيڪڏهن فوتي مرد هجي ۽ ان جي فقط هڪ ڀيڻ هجي ته ترڪي ۾ ان جو حصو اڌ هوندو. پر جيڪڏهن فوتي عورت آهي ته ان جي پوري ترڪي جو وارث سندس ڀاءُ هوندو، پر جيڪڏهن هڪ ڀيڻ بدران ٻه ڀيڻون هجن ته انهن لاءِ ترڪي مان $\frac{2}{3}$ يعني ٻه ٽهايون 66% هوندو. ٻن کان وڌيڪ ڀيڻن لاءِ به اهو ساڳيو فارمولو هوندو، پر جيڪڏهن ڀاءُ ڀيڻ مليل آهن ته هڪ مرد کي ٻن عورتن برابر آهي. هي تقسيم قرض جي ادائگي ۽ وصيت پوري ڪرڻ بعد هوندي.

اي انسانؤ! الله جي طرفان اوهان ڏي ”برهان“ (صاف صاف دليل ۽ حجت يعني ذاتِ گرامي حضرت محمد خاتم النبيين صلي الله تعالیٰ عليه وآله وسلم) اچي چڪا آهن، جنهن جي هوندي اوهان جهل ۽

شڪ ڪان نجات حاصل ڪري سگهو ٿا. اهڙي طرح اوهان ڏانهن "نور مبين" چٽي چمڪدار روشني يعني قرآن حڪيم بہ نازل ٿي چڪو آهي، جيڪي انسان کي گمراهيءَ جي اونداهي کان ڪڍي روشني جي مينار تي پهچائين ٿا (المائده 16/5، الصف: 6/61) پوءِ جنهن شخص بہ الله تي ايمان آندو انهن جو سهارو مضبوط پڪڙي رکندو تہ الله تعالىٰ ان کي عنقريب پنهنجي رحمت ۽ فضل جي نعمتن ۾ داخل ڪندو ۽ کين پنهنجي بارگاهہ الاهي تائين پهچڻ جي توفيق يا صراط مستقيم عطا ڪندو. آيت نمبر 174 ۾ "قَدۡ جَآءَكُمۡ بُرۡهَانٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَاَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكُمۡ نُوۡرًا مُّبِيۡنًا" جو مطلب ڪجهہ تفسيرن ۾ "برهان" ۽ "نور" مان مراد قرآن آهي. والله اعلم بالصواب. وڌيڪ حوالا آيت 170 ۾ ڏسو. پر ٻنهي ۾ ڪو فرق بہ ناهي.

اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّين صلى الله عليه وآله وسلم ماڻهو توکان ڪلاله جي باري ۾ يعني اهڙي ماڻهو جي ميراث بابت معلوم ڪرڻ گهرن ٿا، جنهن جا مرڻ وقت نہ ماءُ پيءُ هجن ۽ نہ وري ڪيس اولاد هجي تہ الله اوهان کي انهيءَ ڪلاله جي باري ۾ حڪم ڏئي ٿو تہ اهڙي ماڻهوءَ جنهن مرڻ وقت نہ ماءُ پيءُ، ڏاڏا ڏاڏي ۽ نہ وري اولاد هجي، پر رڳو هڪڙي ڀيڻ هجي تہ ان جي ترڪي جو اڌ ڀيڻ کي ملندو، پر جي ڀيڻ بہ نہ هجي ۽ رڳو ڀاءُ هجي تہ پورو سارو ترڪو ان جي ڀاءُ جو هوندو، جيڪڏهن بہ يا ٻن کان وڌيڪ ڀيڻون هجن تہ پوءِ بہ ٽهائي $\frac{2}{3}$ ڀيڻن کي ملندو پر جيڪڏهن ڀاءُ ڀيڻ آهن تہ پوءِ ڀاءُ (مرد) جو حصو ڀيڻ (عورت) کان ٻيڻو هوندو. هي اهڙي ڪلاله جو ذڪر آهي، جنهن جا ڀاءُ ڀيڻ حقيقي (ماءُ پيءُ هڪ) يا علاتي (ڀاءُ ڀيڻ پيئتا) هجن. جو تہ هنن کان اڳ هن سورت جي آيت 12 ۾ اهڙي ڪلاله جو ذڪر ٿي چڪو آهي، جنهن جا ڀاءُ ڀيڻ مائٽا هجن يعني ماءُ هڪ پيءُ الڳ هجن.

---

الحمدلله والشڪر له جنهن جي رضا، رهبري ۽ عنايت سان سورة النساءِ جو تفسير اڄ 25 مئي 2022 ع تي لکجي پورو ٿيو.

غلام حسين مشتاق سچاروي

گلاسڪو اسڪاٽلينڊ، برطانيہ

# مددي تفسير

1. في ظلال القرآن (عربي): سيد قطب ﷫
2. اضواءُ البيان في ايضاح القرآن بالقرآن (عربي)
3. الجواهر في تفسير القرآن الكريم (عربي)
4. الموسوعة القرآنية الميسرة (عربي)
5. تيسير الكريم الرحمٰن (عربي)
6. تفسير غريب القرآن (عربي)
7. احكام القرآن (عربي)
8. المفرادت في غريب القرآن (عربي)
9. كشف الاسرار و عدة الابرار (فارسي) خواجہ عبدالله انصاري ﷫
10. صفوة التفاسير (عربي)
11. قرآن مجيد جو فارسي ترجمو: حضرت مخدوم نوح سرور ﷫
12. تفهيم القرآن: مولانا ابوالاعلىٰ مودودي ﷫
13. ترجمان القرآن (اردو): مولانا ابوالڪلام آزاد ﷫
14. بيان القرآن (اردو) ڊاڪٽر اسرار احمد ﷫
15. البيان (اردو) جاويد احمد غامدي ﷫
16. تفسير مظهري (اردو) مولانا ثناءُ الله پاني پتي ﷫
17. فيوض القرآن: ڊاڪٽر حامد حسن بلگرامي ﷫
18. درس قرآن (اردو): مولانا محمد احمد ﷫
19. احسن البيان (اردو) حافظ صلاح الدين يوسف ﷫
20. ترجمہ قرآن سنڌي: مولانا تاج محمود امروٽي ﷫
21. ترجمہ قرآن سنڌي: مولانا عبدالڪريم قريشي ﷫ (پير شريف)
22. بديع التفاسير: بديع الدين شاهہ راشدي ﷫
23. لغات قرآن، المنجد، مصباح اللغات وغيرها.

# انتباھ

● وَاعۡتَصِمُوۡا بِحَبۡلِ اللّٰہِ جَمِیۡعًا (النساء: 4/ 103)

ياد رکو تہ اوھان سڀ جا سڀ يڪ قدم ۽ يڪ آواز ٿي اجتماعي طور الله جي رسي يعني قانون خداوندي کي مضبوطي سان پڪڙيو. قرآن ڪريم مضبوط رسي آھي، جنھن کي سمورا گڏجي اتفاق ۽ اتحاد سان مضبوط پڪڙي رکو. فرمانبرداري ڪريو.

حضرت علي رضي الله تعالیٰ عنه کان حضور خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم جا اھي الفاظ نقل ٿيل آھن: ”وَھُوَ حَبۡلُ اللّٰہِ الۡمَتِیۡنُ“ (سنن ترمذي) قرآن ئي الله سان رابطي جو مضبوط ذريعو آھي. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آھي تہ حضور خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم جن فرمايو: ”کِتَابُ اللّٰہِ حَبۡلٌ مَّمۡدُوۡدٌ مِّنَ السَّمَآءِ اِلَی الۡاَرۡضِ“ (سنن ترمذي) الله جي ڪتاب (قرآن حڪيم) کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکو، اھو ئي اھا مضبوط رسي آھي، جيڪا آسمان کان زمين تائين لڙڪيل آھي. حضور خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم فرمايو: ”اَبۡشِرُوۡا اَبۡشِرُوۡا فَاِنَّ ھٰذَا الۡقُرۡاٰنَ سَبَبٌ طَرۡفُہٗ بِیَدِ اللّٰہِ وَ طَرۡفُہٗ بِاَیۡدِیۡکُمۡ“ (مسلمانو) خوش ٿيو، خوش ٿيو..! ھيءُ قرآن ھڪ واسطو آھي، جنھن جو ھڪ سرو الله جي ھٿ ۾ آھي ۽ ھڪ سرو اوھان جي ھٿ ۾ آھي. (بيان القرآن)

● وَقَالَ الرَّسُوۡلُ یٰرَبِّ اِنَّ قَوۡمِی اتَّخَذُوۡا ھٰذَا الۡقُرۡاٰنَ مَھۡجُوۡرًا ○ (الفرقان: 25/ 30)

۽ رسول خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم خدا جي حضور ۾ چوندو تہ اي منھنجا پروردگار! منھنجي قوم ھن قرآن کي مھجور بنائي ڇڏيو ھيو. يعني رسول الله خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم الله عزوجل وٽ فرياد ڪرڻ فرمائيندا تہ مسلمانن ھن قرآن ڪريم کي پنھنجن خودساخته اعتقادن، خيالن، رسمن ۾ جڪڙي رکيو ھيو ۽ ان جي تعليم ڏانھن توجه نہ ڏنو ھيو.

● وَمَنۡ اَعۡرَضَ عَنۡ ذِکۡرِیۡ فَاِنَّ لَہٗ مَعِیۡشَۃً ضَنۡکًا وَّ نَحۡشُرُہٗ یَوۡمَ الۡقِیٰمَۃِ اَعۡمٰی ○ (طٰہٰ: 20/ 124)

جيڪو منھنجي ذڪر (قرآن) کان منھن موڙيندو، تنھن لاءِ حياتي نھايت اھنجي ٿيندي. قيامت جي ڏينھن اسان ان کي انڌو ڪري اٿارينداسين (يعني سندن اکين جي بصيرت ڪسي ڇڏينداسين).

پر جيڪڏھن ڪو شخص قرآن کي دل سان سانديندي ۽ پاڙ کي قرآن جو مثالي انسان بڻائيندو تہ: وَنُنَزِّلُ مِنَ الۡقُرۡاٰنِ مَا ھُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحۡمَۃٌ لِّلۡمُؤۡمِنِیۡنَ وَلَا یَزِیۡدُ الظّٰلِمِیۡنَ اِلَّا خَسَارًا ○ (بني اسرائيل: 82/17) اسان قرآن کي نازل ڪيون ٿا، جو اھو (ساري جو سارو) مؤمنن لاءِ شفا ۽ دائمي بي پايان رحمت آھي، پر ظالمن (قرآن کان منھن موڙيندڙن) لاءِ نقصان ئي نقصان آھي.

● خوار از مہجوریِ قرآن شدی | شکوہ سنجِ گردشِ دوران شدی
ای تو شبنم برزمین افتندہِ | در بغل داری کتابے زندہِ (اقبال رحمة الله عليه)

(اي مسلمان!) تنھنجي ذلت ۽ خواريءَ جو اصل سبب ھي آھي تہ تون قرآن کان پري ۽ بي تعلق ٿي ويو آھين، پر تون پنھنجي ھن زبون حاليءَ جو الزام زماني جي گردش کي ڏئي رھيو آھين. اي اھا قوم! جيڪا ماڪ جي ڦڙي وانگر زمين تي پکڙي پئي آھي (۽ پيرن ھيٺ لتاڙي پئي وڃي) اُٿ، تنھنجي بغل ۾ ھڪ زندھ ڪتاب موجود آھي.